M.R. Kiyani, Road, Civil Lines, Karachi. Tel: 021-35683701-4, E-mail: contact@napa.org.pk

Ignite — Ministry of Information Technology & Telecom, Government of Pakistan — VU Virtual University

DigiSkills.pk
Sare Jahan Hamara

VACANCY ANNOUNCEMENT

DigiSkills.pk 3.0 Training Program requires the services of bright & motivated individuals on a contract basis for the following positions at market competitive salary:

S/N	Position	Monthly Package (All inclusive)	S/N	Position	Monthly Package (All inclusive)
	Academics:			**Admin & Finance:**	
1	Lead Coach	Rs.125,000/-	7	Assistant Manager (Admin)	Rs.220,000/-
2	Senior Coach	Rs.100,000/-	8	Assistant Manager (HR)	Rs.220,000/-
3	Coach	Rs.75,000/-	9	Coordinator/Secretary	Rs.100,000/-
	ICT:		10	Electrician*	Rs.60,000/-
4	Principal Software Engineer	Rs.200,000/-	11	Driver*	Rs.50,000/-
5	Software Engineer	Rs.125,000/-	12	Office Boy*	Rs.38,000/-
	Networking:			**Marketing:**	
6	Hardware Technician	Rs.75,000/-	13	Marketing/e-Marketing Officer	Rs.150,000/-

The required criteria and domains/subjects for the above-mentioned positions are given on the DigiSkills.pk website (www.digiskills.pk/jobs)

Please read the following instructions before applying:

- Above-mentioned positions are Lahore based only.
- The age of superannuation is 60 years.
- Those already in the government/semi-government service or autonomous bodies will be required to upload 'No Objection Certificate (NOC)' from their current employer, at the time of submission of online job application.
- Part time, honorary, visiting, apprenticeship and internee experience will not be counted as experience.
- Only eligible/short listed candidates will be contacted individually for an interview.
- All posts, except marked with (*), shall be applied online at www.digiskills.pk/jobs. It is mandatory to fill all relevant information on an online job application form.
- Application for the Posts mentioned with (*) must reach this office in hard form along with complete documents, including NOC, by registered post latest by Monday, March 23, 2026. Please clearly mention "DigiSkills.pk 3.0 Training Program" on your application.
- Candidates, who want to apply for more than one post, must apply separately for each post.
- It is mandatory to fill all relevant information on online job applications (please attach relevant Certificates/Degree and clearly mention Division/CGPA of all academic records and also mention Experience/Research details).
- Candidate(s) shall sign an affidavit, at the time of interview, stating that he/she is not dual national and in case of selection, he/she shall not keep dual job, in any manner.
- In case of selection/appointment, candidate(s) shall submit a medical fitness certificate, issued by Medical Superintendent (MS) of Civil/Government Hospital & Corona Vaccination Certificate.
- In case, any deficiency is observed in the eligibility of the candidate or fake/incomplete information is provided by the candidate, his/her candidature will be cancelled, or his/her job will be terminated, immediately, at any stage.
- No TA/DA will be admissible for appearing in the interview.
- DigiSkills.pk 3.0 Training Program reserves the right to reject any or all applications, at any stage, without assigning any reason.

Karachi Metropolitan University
A Public Sector University Recognised by HEC

REF/AC/TENDER/04/2026

Date:03-03-2026

NOTICE INVITING TENDER

KARACHI METROPOLITAN UNIVERSITY invites e-bids through E-Pak Acquisition and Disposal System (EPADS) from well-reputed firms/manufacturers/authorized agents/distributors, who are registered with Income Tax, Sales Tax departments etc, who are available on Active Taxpayers List for the following procurement as per Rule 46(2) of SPP Rules 2010 "Single Stage-Two Envelopes Procedure" amended up to date.

S.No	Name of Work	Tender Fee	Completion time	Bid Security	Date of Purchase	Date of submission opening Bids	Tender Request
1-	Purchase of Items for Department of Community Medicine at Karachi Metropolitan University	Rs.3,000/-	01 month	5% of quoted bid price	10-3-2026 to 26-03-2026 09:00 A.M	Submission 26-03-2026 at 09:30 A.M Opening 10:00 A.M	Registrar, Karachi Metropolitan University
2-	Purchase of Items for Department of Anatomy at Karachi Metropolitan University	Rs.3,000/-	01 month	5% of quoted bid price	10-3-2026 to 26-03-2026 09:30 AM	Submission 26-03-2026 at 10:00 A.M Opening 10:30 A.M	Registrar, Karachi Metropolitan University
3-	Purchase of Items for Department of Biochemistry at Karachi Metropolitan University.	Rs.3,000/-	01 month	5% of quoted bid price	10-3-2026 to 26-03-2026 10:00 AM	Submission 26-03-2026 at 10:30 A.M Opening 11:00 A.M	Registrar, Karachi Metropolitan University
4-	Purchase of Items for Department of Pathology & Department of Forensic Medicine at Karachi Metropolitan University.	Rs.3,000/-	01 month	5% of quoted bid price	10-3-2026 to 26-03-2026 10:30 AM	Submission 26-03-2026 at 11:00 A.M Opening 11:30 A.M	Registrar, Karachi Metropolitan University
5-	Purchase of Items for Department of Pharmacology at Karachi Metropolitan University.	Rs.3,000/-	01 month	5% of quoted bid price	10-3-2026 to 26-03-2026 11:00 AM	Submission 26-03-2026 at 11:30 A.M Opening 12:00 Noon	Registrar, Karachi Metropolitan University
6-	Purchase of Items for Department of Physiology at Karachi Metropolitan University.	Rs.3,000/-	01 month	5% of quoted bid price	10-3-2026 to 26-03-2026 11:30 AM	Submission 26-03-2026 at 12:00 Noon Opening 12:30 P.M	Registrar, Karachi Metropolitan University
7-	Purchase of Items for Community Dentistry LAB at Karachi Metropolitan University	Rs.3,000/-	01 month	5% of quoted bid price	10-3-2026 to 26-03-2026 12:00 Noon	Submission 26-03-2026 at 12:30 P.M Opening 01:00 P.M	Registrar, Karachi Metropolitan University
8-	Purchase of Items for Dental Material Lab. at Karachi Metropolitan University	Rs.3,000/-	01 month	5% of quoted bid price	10-3-2026 to 26-03-2026 12:30 P.M	Submission 26-03-2026 at 01:00 P.M Opening 01:30 P.M	Registrar, Karachi Metropolitan University
9-	Purchase of Oral Pathology LAB. Items for Karachi Metropolitan University	Rs.3,000/-	01 month	5% of quoted bid price	10-3-2026 to 26-03-2026 01:00 P.M	Submission 26-03-2026 at 01:30 P.M Opening 02:00 P.M	Registrar, Karachi Metropolitan University
10-	Purchase of Items of Orthodontics Lab at Karachi Metropolitan University	Rs.3,000/-	01 month	5% of quoted bid price	10-3-2026 to 26-03-2026 01:30 P.M	Submission 26-03-2026 at 02:00 P.M Opening 02:30 P.M	Registrar, Karachi Metropolitan University
11-	Purchase of Items for Pre Clinical Dentistry at Karachi Metropolitan University	Rs.3,000/-	01 month	5% of quoted bid price	10-3-2026 to 26-03-2026 02:00 P.M	Submission 26-03-2026 at 02:30 P.M Opening 03:00 P.M	Registrar, Karachi Metropolitan University
12-	Purchase of Items for Prosthodontics Lab. at Karachi Metropolitan University	Rs.3,000/-	01 month	5% of quoted bid price	10-3-2026 to 26-03-2026 02:30 P.M	Submission 26-03-2026 at 03:00 P.M Opening 03:30 P.M	Registrar, Karachi Metropolitan University
13	Purchase of 3D Virtual Anatomy Dissector Table for the Department of Anatomy at Karachi Metropolitan University	Rs.3,000/-	01 month	5% of quoted bid price	10-3-2026 to 26-03-2026 03:00 P.M	Submission 26-03-2026 at 03:30 P.M Opening 04:00 P.M	Registrar, Karachi Metropolitan University

1. Bidding Documents containing Detailed Terms of Condition can be viewed/downloaded from https://portalsindh.eprocure.gov.pk/#/supplier/registration and University website https://tkkmu.edu.pk.
2. Electronic bids shall be submitted through EPADS only. Manual bids will not be accepted. Interested bidders are required to register themselves on the EPAD System at the link https://sindh.eprocure.gov.pk/#/-supplier/registration for tender proceeding/submission/opening/of electronic bids.
3. The original instrument of tender fee Rs. 3,000/- (Non-refundable) for each procurement and bid security @ five percent (5%) of the total quoted bid value in favour of "Karachi Metropolitan University" must reach the procuring agency before the deadline for submission/opening. E-bids, will be opened on the same day, as per schedule mentioned above.

Note:

a. For any query /e-bidding please contact on below given details:-

IFTIKHAR AHMED MALLAH
Project Coordinator,
Karachi Metropolitan University.

☆☆
عوامي حقن جي ترجمان، ڪمپيوٽر تي ڇپرين مڪمل اخبار | ABC CERTIFIED
ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر مان هڪ ئي وقت شايع ٿيندڙ
Daily AWAMI AWAZ
روزاني
عوامي آواز
Daily AWAMI AWAZ Sukkur
سال 20 _ شمارو 66 | ڇنڇر 7 مارچ 2026ع 17 رمضان المبارڪ 1447هه | صفحا _08_ قيمت 40 رپيا

ڪراچي ۾ ڏڍن پل ڪرڻ جو چيئرمين خلاف ڪيس داخل ٿيو ته ان ڪان پوءِ ڪا به پل نه ڪري: جسٽس سليم جيسر

سنڌ هاءِ ڪورٽ

هاڻ حادثو ٿيو ته اين ايڇ اي چيئرمين ۽ آءِ جي موٽروي تي ڪيس داخل ڪيو وڃي

روڊن جي خراب حالت تي ڪاوڙ، هاءِ ويز سنڌ سرڪار حوالي ڪريو ته اسان ڪم ڪرائي وٺنداسين

ڇا توهان کي خبر آهي ته حادثن ۾ ڪيترا ماڻهو فوت ٿي چڪا آهن؟ جسٽس نثار ڀنڀرو جو اين ايڇ اي کان سوال

حادثا رڳو هاءِ ويز تي نه پر ٻين اهم رستن تي به ٿين ٿا، گاڏين جي فٽنس معاملو سنڌ سرڪار جو آهي: اين ايڇ اي وڪيل

اين ايڇ اي ۾ نااهل ماڻهو ويٺا آهن، هاءِ ويز تي ٽريفڪ بند ٿي ته ان جو مالي نقصان اين ايڇ اي کي ڀرڻو پوندو: عدالت

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ هاءِ ويز تي وڌندڙ ٽريفڪ حادثن بابت اهم حڪم جاري ڪندي چيئرمين اين ايڇ اي ۽ آءِ جي موٽروي پوليس خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ هاءِ /ڏسو صفحو 7 ڪالم 2

عالمي معاشي بحران جي خطري سبب ڪورونا جهڙي پاليسي اختيار ڪندي آفيسن ۾ ڪم محدود ڪرڻ جو فيصلو

تيل ذخيري باوجود پيٽرول ۽ ڊيزل اگهن ۾ ظالماڻي واڌ

حڪومت تيل جي صورتحال مستحڪم ڄاڻائڻ باوجود پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ 55، 55 رپيا واڌ ڪئي

پيٽرول جي نئين قيمت 321.17 رپيا ۽ ڊيزل جي نئين قيمت 335.86 رپيا في ليٽر ٿي وئي، ڪوشش ڪئي آهي ته عوام تي گهٽ ۾ گهٽ اثر پوي: اسحاق ڊار

علائقائي صورتحال باوجود پاڪستان جي معاشي حيثيت مستحڪم آهي، عالمي حالتن جي ڪري پيٽروليم شين جون قيمتون وڌيون آهن: علي پرويز ملڪ

پيٽرول جي هڙتال ڪوٽ ڪندڙن خلاف ڪارروائي جي هدايت، پيٽروليم شين جي صحيح ورهاست يقيني بڻائي وڃي: وزيراعظم

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) حڪومت پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ وڏي واڌ جو اعلان ڪيو آهي. پيٽرول جي قيمت ۾ 55 رپيا واڌ ڪئي وئي آهي، جنهن کان پوءِ نئين قيمت /ڏسو صفحو 7 ڪالم 2

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وچ اوڀر ۾ جنگي صورتحال تي تيل مهانگائيءَ کي ڏسندي حڪومت پيٽروليم شين جي قيمتن جي هفتيوار تعين جي منظوري ڏئي ڇڏي /ڏسو صفحو 7 ڪالم 1



ڪراچي: پيٽرول جي هڙتال ڪوٽ سبب پيٽرول پمپن تي رش لڳل آهي، سانگهڙ ۾ ماڻهون ڊرم ڪٽي پهتل آهن

قطر جي توانائي واري وزارت اڳ تي حملن سبب ايل اين جي جي پيداوار روڪي ڇڏي

عالمي معيشت لاءِ وڏو بحران، توانائي جي ڪوٽ ۽ مهانگائي جي طوفان جو انديشو

ڪجهه ڏينهن ۾ نار وارن ملڪن مان تيل ۽ گئس جي برآمد مڪمل بند ٿي سگهي ٿي: قطري وزير

هرمز جي لنگهه تان جهازن جي اچ وڃ معطل رهي ته تيل جو اگهه 150 ڊالر في بيرل تائين پهچي ويندو

قطر ۾ ايل اين جي پيداوار بند، برنٽ ڪروڊ جو اگهه 4.4 سيڪڙو واڌ سان 89.17 ڊالر تائين پهچي ويو

جنگ اڄ به ختم ٿئي ته تيل جي فراهمي معمول تي اچڻ ۾ مهينا لڳي سگهن ٿا: سعد الڪعبي

دوحا/لنڊن (م ڊ) قطر جي توانائي واري وزير سعد الڪعبي خبردار ڪيو آهي ته وچ اوڀر ۾ جاري جنگ سبب ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ نار وارن ملڪن مان تيل ۽ گئس جي برآمد مڪمل طور بند ٿي سگهي ٿي. فنانشل ٽائمز کي ڏنل انٽرويو ۾ هن چيو ته جيڪڏهن هرمز جي لنگهه تان جهازن جي اچ وڃ معطل رهي ته تيل جي قيمت 150 ڊالر في بيرل تائين پهچي ويندي، جيڪو عالمي معيشت کي تباهه ڪري سگهي ٿو. هن وقت برنٽ ڪروڊ جي قيمت 4.4 سيڪڙو واڌ سان 89.17 ڊالر تائين پهچي وئي آهي. قطر جي توانائي وزارت اڳ تي حملن ڪانپوءِ ايل اين جي جي پيداوار روڪي ڇڏي آهي. الڪعبي موجب، جيڪڏهن جنگ اڄ به ختم ٿئي ته تيل جي فراهمي معمول تي اچڻ ۾ مهينا لڳي سگهن ٿا. جنهن سان سڄي دنيا ۾ توانائي جي ڪوٽ ۽ مهانگائي جو نئون طوفان ايندو.

هڪ پاسي ايران جهڙو پاڙيسري، ٻئي پاسي سعودي سان دفاعي معاهدو

ايران _ آمريڪا جنگ: پاڪستان لاءِ پلصراط جهڙي صورتحال

ملڪ جون توانائي ۽ معاشي گهرجون ايران ۽ سعودي عرب سان واڳيل

ڪنهن هڪ پاسي جهڪڻ استحڪام ۽ معيشت لاءِ خطرو بڻجي ويندو؟

اسلام آباد/رياض (بي بي سي) ايران، آمريڪا ۽ اسرائيل جي وچ ۾ شروع ٿيل ٽڪراءُ هاڻي هڪ وڏي علائقائي جنگ ۾ تبديل ٿي چڪو آهي. ايران پاران سعودي عرب، قطر ۽ يو اي اي ۾ موجود آمريڪي فوجي اڏن تي جوابي ميزائل حملن ڪانپوءِ پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي کي سخت چئلينجن جي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. هڪ طرف ايران جهڙو پاڙيسري ملڪ آهي، ته ٻئي طرف سعودي عرب سان ڪيل دفاعي معاهدو آهي، جنهن تحت ڪنهن به جارحيت جي صورت ۾ /ڏسو صفحو 7 ڪالم 5

مصالحت جون ڪوششون ڪنهن آمريڪا ۽ اسرائيل سان ڳالهيون ڪين: ايران

تهران (م ڊ) ايران جي صدر مسعود پزشڪيان چيو آهي ته علائقي ۾ امن لاءِ مصالحت جون ڪوششون انهن ڌرين سان ٿيڻ گهرجن جن هن ٽڪراءُ جي باهه ڀڙڪائي آهي. سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ايڪس تي پنهنجي بيان ۾ صدر پزشڪيان چيو ته ايران خطي ۾ پائيدار امن جو خواهشمند آهي، پر پنهنجي ملڪ جي وقار ۽ /ڏسو صفحو 7 ڪالم 3

ڪجهه ملڪن ٺاهه ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي (ايراني صدر) ايران هٿيار ڦٽا ڪري: ٽرمپ

ايران، اسرائيل ۽ آمريڪا جا هڪ ٻئي تي حملا، انڊونيشيا پاران ٺاهه ڪرائڻ جي آڇ

ايران جو عراقي ڪردستان ۾ قائم آمريڪي آئل فيلڊ تي حملو، تل ابيب تي ڪلسٽر بمن جو وسڪارو

بحرين ۾ آمريڪي اڏي تي حملن سبب ڇڪتاڻ، اسرائيل اسپتالن کي نشانو بڻائڻ لڳو

تهران/واشنگٽن/تل ابيب (ويب ڊيسڪ) ايران، اسرائيل ۽ آمريڪا ۾ ڇڪتاڻ ۽ حملا جاري آهن. جڏهن ته انڊونيشيا ٺاهه ڪرائڻ جي آڇ ڪئي آهي. پاسداران انقلاب اسرائيل جي راڄڌاني تل ابيب تي ڪلسٽر بمن سان ليس خيبر شڪن ميزائل سان حملا ڪيا جڏهن ته آمريڪي ۽ اسرائيلي حملن ۾ ايران ۾ رهائشي /ڏسو صفحو 7 ڪالم 1

ڇنڇر 07 مارچ 2026ع
17 رمضان المبارڪ 1447هه
ڪراچي ۾ روزو کولڻ ۽ بند ڪرڻ جو وقت
سحري: 05:37
افطاري: 06:33

پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ واڌ سان عوام تي اثر پوندو: معاشي ماهر

حڪومت پورو فريم ورڪ سامهون رکي ها ته ماڻهن کي ٿورو رليف ضرور ملي ها

حڪومت سبسڊي ڏئي سگهي پئي، جيئن مهانگائي ڪجهه گهٽ ٿئي ها: خاقان نجيب

ڪراچي (عوامي آواز رپورٽ) حڪومت طرفان پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ واڌ تي معاشي ماهر خاقان نجيب چيو آهي ته ٻهرين ڳالهه ته جيڪا شيءِ ملڪ ۾ نه ٿي ان تي ٿي ڪرڻو پوندو آهي. ان ۾ به رايا ٿي سگهن، پر اصل ڳالهه اها آهي ته مان پهريان به چئي چڪو آهيان ته اوهان کي گهرج موجب فيصلو ڪرڻ گهرجي، جيڪا اوهان جي ضرورت آهي ان موجب ماڻهو رويو به تبديل ڪري /ڏسو صفحو 7 ڪالم 4

سنڌ ۾ پيٽرول جو هڙتال بحران، ماڻهو ڊرم ڪٽي پمپن تي پهچي ويا

سانگهڙ، ڪنري، گهوٽڪي، نوشهروفيروز، وارهه، ڀرياسٽي ۽ ٻين شهرن ۾ پيٽرول اڻلڀ ٿي ويو

مختلف شهرن ۾ مالڪن پيٽرول پمپ بند ڪري ڇڏيا، ڪجهه هنڌن تي پيٽرول مهانگو وڪرو

ڪيترن ئي علائقن ۾ پيٽرول پمپن تي تيل فراهمي بند هجڻ سبب گاڏين جون قطارون لڳي ويون

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ به پيٽرول ملڻ بند ٿي ويو. شهر جي مختلف علائقن ۾ پيٽرول پمپ بند ٿي ويا. ڪجهه علائقن ۾ کليل پيٽرول پمپن تي ماڻهن جون /ڏسو صفحو 7 ڪالم 6

ڪراچي/حيدرآباد/سکر (نمائندن وٽان) آمريڪا، اسرائيل ۽ ايران ۾ هلندڙ جنگ سبب سنڌ جي مختلف شهرن ۾ پيٽرول جو هڙتال بحران پيدا ٿي ويو. پيٽرول /ڏسو صفحو 7 ڪالم 3

راس تنورا بند، پاڪستان جو سعودي بندرگاهه تان تيل وٺڻ جو فيصلو

گهريلو ريفائنريون اضافي تيل ڪڍڻ لاءِ حڪمت عملي تيار ڪرڻ لڳيون

مهانگي ايل اين جي بدران بند ٿيل کوهن مان پيداوار تي غور

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) راس تنورا بندرگاهه بند ٿيڻ کان پوءِ پاڪستان بحراحمر ۾ سعودي بندرگاهه تان تيل وٺڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ذريعن موجب، گهريلو ريفائنريز اضافي /ڏسو صفحو 7 ڪالم 4

عوام تي پيٽرول بم، آءِ ايم ايف جا سخت شرط يا حڪومتي مجبوري؟

حڪومت ليوي گهٽائڻ بدران سمورو بار وري عوام تي وجهي ڇڏيو

حڪومت چاهي ها ته تيل جا وڌايل اگهه ليوي جي اگهن سان ايڊجسٽ ڪري سگهي پئي

حڪومت هلندڙ سال جي 6 ماهي دوران عوام کان ليوي جي مد ۾ 822 ارب رپيا اوڳاڙي چڪي

اسلام آباد (عوامي آواز رپورٽ) حڪومت پاران پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر واڌ ڪئي وئي آهي، جنهن جو جواز خطي جي موجوده صورتحال کي ڄاڻايو ويو آهي. پاڪستان هن وقت آءِ ايم ايف /ڏسو صفحو 7 ڪالم 5

مودي جي اسرائيل سان ياري سان وچ اوڀر ۾ رهندڙ ڀارتي متاثر ٿيڻ جو خدشو

ايران ۽ نار جي ملڪن سان هندستان جي توازن کي ڪمزور ڪري ڇڏيو

مودي جو اسرائيل دورو معمول جي سفارتڪاري نه پر ايران خلاف اتحاد آهي

مودي جي پاليسي مان سڀ کان وڏو خطرو نار ملڪن ۾ رهندڙ لکين هندستاني مزدورن کي آهي

اسرائيل ڏانهن جهڪاءُ هندستان جي خودمختيار پرڏيهي پاليسي جو ٻيڙو ٻوڙيو: آمريڪي رسالو

نيويارڪ (ع آ نيوز) آمريڪي رسالي دي سي جرنل هندستان جي وزيراعظم نريندر مودي جي اسرائيل نواز پاليسي جي ناڪاري اثرن جو پوسٽ مارٽم ڪيو آهي. دي سي جرنل رپورٽ ڪئي آهي ته مودي جي /ڏسو صفحو 7 ڪالم 8

ايشيائي اسٽاڪ مارڪيٽن ۾ گذريل 6 سالن جي سڀ کان وڏي هفتيوار ڪٽائي

ايران _ آمريڪا جنگ ڊگهي ٿيڻ جو خدشو، سيڙپڪار رقم ڪڍڻ لڳا

جنگ جو پاڪستاني اسٽاڪ مارڪيٽ تي اثر، وياپار 3714 پوائنٽن لاٿ تي بند ٿيو

311 ڪمپنين مان يو بي ايل، اينگرو، حبڪو ۽ او جي ڊي سي ايل جا شيئر سڀ کان وڌيڪ متاثر

ڪراچي (عوامي آواز رپورٽ) وچ اوڀر ۾ ايران، آمريڪا ۽ اسرائيل جي وچ ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ سبب پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ سخت بازاري جو رجحان رهيو، جمعي ڏينهن ڪاروبار جي پڇاڙي تي ڪي /ڏسو صفحو 7 ڪالم 6

ايران جي جنگي ڪاميابين جو اعتراف، دشمن جو دفاع ڪمزور

ايران اردن، يو اي اي، قطر ۾ آمريڪي دفاعي نظامن کي نشانو بڻايو

اردن ۾ 50 ڪروڙ ڊالر جو ٿاڊ سسٽم سان واڳيل ريڊار تباهه: سي اين اين

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي نشرياتي اداري سي اين اين پنهنجي تحقيقاتي رپورٽ ۾ انڪشاف ڪيو آهي ته ايران جنگ جي شروعات ۾ ئي اردن، گڏيل عرب امارات ۽ قطر ۾ موجود جديد ترين آمريڪي دفاعي سسٽم ٿاڊ ۽ ٻين جاسوسي اوزارن کي نشانو بڻائي وڏي ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. /ڏسو صفحو 7 ڪالم 8

نظرين جو جنازو نڪري ويو

شفيق مينگل جي پ پ پ ۾ شموليت تي سماجي رد عمل

ضياءالحق کي شهيد قرار ڏئي اعزازي ڪرنيٽ ڏيڻ ۾ کهڙي رنڊڪ آهي: نصير ميمڻ

آصف علي زرداري شهيد بينظير جي قاتل پرويز الاهي کي به نائب وزيراعظم بڻايو هو: علي رند

پ پ پ ۾ اڳ ئي اهڙا ماڻهو آهن، شفيق مينگل جي شموليت تي حيران نه ٿيڻ گهرجي: نعمت کهڙو

ڪراچي (عوامي آواز رپورٽ) شفيق مينگل جي پيپلز پارٽي ۾ شموليت کانپوءِ سوشل ميڊيا تي هڪ نئين بحث جنم ورتو /ڏسو صفحو 7 ڪالم 4

ڪراچي: پ پ اڳواڻ علي حسن زهري شفيق مينگل کي ٽڪيٽ ڏئي رهيو آهي

ٽرمپ جو مذهبي ڊرامو، پاڻ کي حضرت عيسيٰ جو چونڊيل نمائندو ڏيکارڻ لڳو

واشنگٽن/تهران (سيد طلعت حسين) آمريڪا ۾ جاري سياسي ۽ مذهبي بحث نئون موڙ اختيار ڪري ورتو آهي، جتي صدر ڊونلڊ ٽرمپ کي هڪ مذهبي اڳواڻ طور پيش ڪيو پيو وڃي. جيتوڻيڪ ٽرمپ الزام هڻندو آهي ته ايراني انتهاپسند آهن، وائيٽ هائوس مان جاري ٿيل هڪ وڊيو ۾ ٽرمپ کي مذهبي اڳواڻن جي گهيري ۾ هڪ مقدس شخصيت طور ڏيکاريو ويو آهي، جنهن تي تجزيي نگارن جو چوڻ آهي ته ٽرمپ مذهب کي پنهنجي سياسي مقصدن لاءِ /ڏسو صفحو 7 ڪالم 3

ايران خلاف جنگ ۾ ڪاميابي لاءِ ٽرمپ پادري گهرائي ورتا

واشنگٽن (م ڊ) اوول آفيس ۾ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ۽ فوجين لاءِ دعائيه تقريب ڪرائي وئي، پرڏيهي ميڊيا رپورٽن موجب، وائيٽ هائوس جي اوول آفيس ۾ پادرين جي هڪ گروپ ايران سان جاري ڇڪتاڻ دوران مارچ ويل آمريڪي فوجين ۽ صدر لاءِ هن ڏکئي وقت ۾ ڪاميابي لاءِ دعائون ڪيون.

ميناب ۾ اسڪول تي حملو آمريڪي ڪارروائي هئي

آمريڪي اخبار

سيٽلائيٽ تصويرن ۾ واضح آهي ته اسڪول کي باقاعده نشانو بڻايو ويو

آمريڪا مجبور هو ته هن علائقي ۾ بحري هدفن کي نشانو بڻايو هو

واشنگٽن (م ڊ) ڏکڻ ايران جي شهر ميناب ۾ اسڪول تي حملو معصوم شاگردياڻين جي شهادت جو وڏو واقعو آهي. ان وقت آمريڪي ۽ اسرائيلي حملا ڪيا ويا هئا. جنهن دوران 175 شهري شهيد ٿي ويا هئا. آمريڪي اخبار نيويارڪ ٽائمز موجب سيٽلائيٽ تصويرن ۽ وڊيوز مان ظاهر ٿئي ٿو ته /ڏسو صفحو 7 ڪالم 2

ايران جنگ جا اثر، ٻه لک کان وڌيڪ آمريڪي شهري وچ اوڀر ۾ ڦاٿل

اڏامن جي کوٽ سبب آمريڪي شهري پنهنجي ملڪ موٽڻ ۾ پريشان

لڳ ڀڳ 18 هزار ماڻهو هينئر تائين وچ اوڀر مان آمريڪا پهچي چڪا

واشنگٽن (م ڊ) ايران تي آمريڪا ۽ اسرائيل جي حملن ۽ ان کان پوءِ ايران جي جوابي ڪارروائين سبب وچ اوڀر ۾ موجود آمريڪي شهرين جي نيڪالي آمريڪا لاءِ نئون وڏو چيلنج بڻجي وئي. پرڏيهي ميڊيا رپورٽن موجب آمريڪي پرڏيهي وزارت جو چوڻ آهي ته هن وقت خطي ۾ ٻه لک کان /ڏسو صفحو 7 ڪالم 3

متحده عرب امارات ۾ ميزائل حملن جو خطرو، دبئي ۾ هنگامي الرٽ

موبائل فونن تي ايمرجنسي الرٽ، شهرين کي محفوظ هنڌ منتقل ٿيڻ جي هدايت

شهري محفوظ عمارتن ۾ پناهه وٺن، کليل جاين، درن ۽ درين کان پاسو ڪن: انتظاميا

دبئي (م ڊ) متحده عرب امارات ۾ ميزائل حملن جي خطري کي نظر ۾ رکندي اختيارين دبئي ۾ هنگامي الرٽ جاري ڪري ڇڏيو /ڏسو صفحو 7 ڪالم 6

دبئي: ايراني حملي سبب تيل جي ٽانڪين کي باهه لڳل آهي

ترميمي بل پاس ٿيڻ جي ٻئي ڏينهن نيب چيئرمين جي مدي ۾ 3 سال واڌ

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وفاقي حڪومت طرفان قومي احتساب بيورو (نيب) جي چيئرمين ليفٽيننٽ جنرل (ر) نذير احمد جي ملازمت واري مدي ۾ وڌيڪ 3 سالن جي واڌ ڪئي وئي، جنهن جو نوٽيفڪيشن پڻ جاري ڪيو ويو آهي. قانون واري وزارت طرفان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب، نيب چيئرمين جي ملازمت جي مدي ۾ واڌ يعني 6 مارچ 2026 کان لاڳو ٿيندي. نوٽيفڪيشن ۾ واضح ڪيو ويو آهي ته سندس ملازمت جي مدي ۾ واڌ موجوده شرطن ۽ ضابطن تحت ڪئي وئي آهي. ياد رهي ته ليفٽيننٽ جنرل (ر) نذير احمد کي پهرين ڀيرو 6 مارچ 2023 تي 3 سالن لاءِ نيب جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو هو. سندس ملازمت جو مدو ڪالهه پورو ٿي رهيو هو.

آمريڪي ۽ اسرائيلي حملن باوجود تهران ۾ هزارين ماڻهو جمعي نماز ۾ شريڪ

جمعي نماز دوران وڏي انگ ۾ ماڻهو بنا خوف شريڪ، عورتون به رستن تي نڪري آيون

رستن تي نڪتل ماڻهن جي هٿن ۾ ايراني جهنڊو ۽ علي خامنه اي جون تصويرون هيون

تهران (م ڊ) تهران ۾ امام خميني گرينڊ مسجد ۽ شهر جي ٻين حصن ۾ وڏي انگ ۾ ماڻهن جمعي جي نماز ادا ڪئي، باوجود ان جي /ڏسو صفحو 7 ڪالم 7

تهران: ايران ۾ جنگي صورتحال باوجود جمعي نماز ۾ هزارين ماڻهو شريڪ آهن

صحت جو عالمي ادارو

ايران تي آمريڪي ۽ اسرائيلي حملن ۾ 13 اسپتالون متاثر ٿيون

آمريڪي ۽ اسرائيلي حملن بعد ڪيترائي صحت مرڪز بند ڪرڻا پيا

ايران ۾ چار ايمبولينس کي نشانو بڻايو ويو: ڊاڪٽر حنان بلخي

نيويارڪ (م ڊ) عالمي صحت تنظيم (ڊبليو ايڇ او) تصديق ڪئي آهي ته آمريڪا ۽ اسرائيلي حملن دوران ايران ۽ لبنان ۾ اسپتالن ۽ طبي سهولتن کي نشانو بڻايو ويو ۽ چيو ته بين الاقوامي قانون تحت، صحت جي سهولتن کي محفوظ ڪيو وڃي ۽ انهن کي نشانو نه بڻايو وڃي. عالمي صحت تنظيم ايران تي آمريڪي ۽ اسرائيلي حملن کان پوءِ خطي ۾ وڏي /ڏسو صفحو 7 ڪالم 1

جنگ رهي ته آمريڪا جو فوجي خرچ 40 ارب ڊالر کان وڌي 95 ارب ڊالر ٿي ويندو: ماهر

ڊگهي جنگ آمريڪي معيشت تي هڪ وڏو بار بڻجي سگهي ٿي: آمريڪي ٿنڪ ٽينڪ

ايران تي حملي جي پهرين 100 ڪلاڪن ۾ آمريڪا کي 3.7 ارب ڊالر نقصان ٿيو

جنگ هفتن تائين جاري رهي ته آمريڪي دفاع کاتي کي اضافي فنڊ گهرجندا

نيويارڪ (ع آ نيوز) هڪ آمريڪي ٿنڪ ٽينڪ موجب، آمريڪا ايران خلاف جاري جنگ ۾ روزانو لکين ڊالر خرچ ڪري رهيو آهي، جنهن ۾ هٿيار، دفاعي نظام ۽ آپريشنل خرچ شامل آهن. رپورٽ موجب، هڪ ڊگهي مدي واري جنگ آمريڪي معيشت تي هڪ وڏو بار بڻجي سگهي ٿي. سينٽر فار اسٽريٽجڪ اينڊ انٽرنيشنل اسٽڊيز (سي ايس آءِ ايس) پنهنجي رپورٽ ۾ انڪشاف ڪيو آهي ته صرف ايران تي جاري حملن جي پهرين 100 ڪلاڪن ۾ آمريڪا کي /ڏسو صفحو 7 ڪالم 5

بارود جي برسات ۽ ماحولياتي تباهي، ايران _اسرائيل جنگ جا خطرناڪ اثر

تهران/تل ابيب (ع آ رپورٽ) ذريعن موجب اسرائيل پاران ايران تي 5 هزار ٽن کان وڌيڪ بارود وسايو ويو آهي. جڏهن ته ايران پاران به 571 ميزائل ۽ 1,391 ڊرون استعمال ڪيا ويا آهن. ماهرن خبردار ڪيو آهي ته هيءَ جنگ رڳو سياسي تباهي نه، پر علائقي جي آب هوا، زراعت ۽ انساني صحت لاءِ هڪ اثر بحران بڻجي سگهي ٿي. برطانوي اداري ڪنفليڪٽ اينڊ انوائرمينٽ آبزرويٽري موجب، تيل جي ذخيرن ۽ فوجي ٺڪاڻن تي حملن /ڏسو صفحو 7 ڪالم 5

سرحدي علائقن ۾ ڇڪتاڻ، ايران عراق کي خبردار ڪري ڇڏيو

اسرائيل سرحدي علائقن کي نشانو بڻائي سڪيورٽي خال پيدا ڪرڻ لڳو

ڪرد ويڙهاڪن کي اجازت ڏني وئي ته سخت نتيجا نڪرندا: ايران

تهران (م ڊ) ايران جي راڄڌاني تهران سخت بمباري جي لپيٽ ۾ رهي، جتي صدارتي محل ۽ اڳوڻي رهبر اعليٰ جي رهائشگاهه واري علائقي پاسٽر کي نشانو بڻايو ويو. حملن جو ڪارڻ اڃا تائين واضح ناهي ٿي سگهيو، ٻئي طرف، اتر اولهه واري حساس سرحدي شهر مهاباد تي به حملا ڪيا ويا /ڏسو صفحو 7 ڪالم 2

ايران جي خودمختياري کي نقصان پهتو ته ترڪي ۽ سعودي جي سلامتي به سواليه نشان بڻجي ويندي

آمريڪي جنگي جنون جي ڪري نار وارن ملڪن ۾ ڳڻتي جي لهر، معاشي اپائن تي غور

سعودي عرب، يو اي اي، ڪويت، قطر جي آمريڪي ٽريزري بانڊز مان رقم ڪڍڻ جي تياري

تيل جي خريد ۽ وڪري لاءِ ڊالر تي ڀاڙڻ گهٽائڻ ۽ متبادل ڪرنسي چيني يوان ڏانهن وڃڻ تي غور

روسي صدر هن ئي سال گيس فراهمي بند ڪرڻ جي ڌمڪي ڏئي يورپ کي وائڙو ڪري ڇڏيو

آمريڪا وساري ويٺو ته ايران کي چين جو ٽيڪنيڪل سهڪار ۽ انٽيليجنس شيئرنگ مضبوط بڻائي ٿي

اسلام آباد/تهران/دبئي (امتياز گل) ايران پاران آمريڪا ۽ اسرائيل جي جارحيت جي جواب ۾ نار وارن ملڪن ۾ موجود آمريڪي فوجي اڏن ۽ تيل جي ٺڪاڻن تي سوين ميزائل ۽ ڊرون حملا ڪيا ويا آهن. تازي حملي ۾ بحرين جي تيل ريفائنري ۽ قطر ۾ آمريڪي اڏن کي نشانو بڻايو ويو. جنهن کانپوءِ قطر عالمي مارڪيٽ کي ايل اين جي جي فراهمي معطل ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. ايران واضح ڪيو آهي ته جيڪو به ملڪ آمريڪا جو ساٿ ڏيندو، اهو محفوظ نه رهندو. ٻئي طرف روسي صدر پيوٽن پاران يورپ کي گيس جي فراهمي مڪمل بند ڪرڻ جي ڌمڪي عالمي معيشت ۾ وڏو بحران پيدا ڪري ڇڏيو آهي. ماهرن جو چوڻ آهي ته هن وقت ايران اڪيلي سر پوري خطي جي مسلم ملڪن جي آزادي جي جنگ وڙهي رهيو آهي. تازو انڪشاف ٿيو آهي ته سعودي عرب ۽ قطر ۾ موساد جي ايجنٽن کي گرفتار /ڏسو صفحو 7 ڪالم 6

ٽرمپ جنگ ذريعي ايپسٽين فائلز تان ڌيان هٽائڻ چاهي ٿو؟

اسلام آباد (اعزاز سيد/فخر دراني) آمريڪا ۽ اسرائيل جو گڏيل مقصد ايران جي ايٽمي صلاحيت ۽ ميزائل پروگرام کي تباهه ڪرڻ ٻڌايو ويو آهي پر بوليم ٽرمپ هن /ڏسو صفحو 7 ڪالم 4

سيد مراد علي شاهه جو شيعا عالمن سان امن امان بابت اهم اجلاس

جنگي صورتحال ۾ قوم کي اتحاد ڪرڻو پوندو: وڏو وزير

شهر ۾ امن امان برقرار رکڻ حڪومت جي پهرين ذميواري آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه شيعا عالمن سان اهم اجلاس جي صدارت ڪئي، جنهن ۾ يوم علي، يوم قدس ۽ جمعت الوداع جي انتظامن جو جائزو ورتو ويو ۽ علائقي جي موجوده صورتحال تي پڻ /ڏسو صفحو 7 ڪالم 4

آمريڪي ميڊيا

ايران جي مدد ڪري روس جنگ ۾ شامل ٿي ويو

روس ايران کي آمريڪي هدفن تي حملن لاءِ ڳجهي ڄاڻ ڏئي رهيو آهي

روسي ڄاڻ سبب ايران جا حملا وڌيڪ درست ٿيا، سي آءِ اي تبصرو نه ڪيو

روس ايران کي آمريڪي جنگي جهازن جي پوزيشن بابت معلومات ڏني: رپورٽ

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي ميڊيا دعويٰ ڪئي آهي ته وچ اوڀر ۾ جاري جنگ دوران روس اڻ سڌو طور شامل ٿي ايران کي آمريڪي هدفن تي حملن لاءِ ڳجهي ڄاڻ فراهم ڪري رهيو آهي. ميڊيا رپورٽن موجب /ڏسو صفحو 7 ڪالم 3

دفاعي ميزائلن جي ڪوٽ

روس پاران يوڪرين تي وڏي حملي جو امڪان

ايران سان جنگ سبب يوڪرين کي پيٽريٽ ميزائلن جي فراهمي معطل ٿيڻ جو خدشو

روس جي خاموشي ڪنهن وڏي حملي جي تياري ٿي سگهي ٿي: دفاعي ماهر

ڪيف (م ڊ) يوڪرين جي راڄڌاني ڪيف سميت اهم شهرن جو فضائي دفاع خطري ۾ پئجي ويو آهي. الجزيرا جي رپورٽ موجب، آمريڪا جا نار وارا اتحادي ايران جي حملن کي روڪڻ لاءِ پيٽريٽ ميزائل تيزي سان استعمال ڪري رهيا آهن. جنهن ڪري يوڪرين کي ملندڙ فراهمي ۾ ڪوٽ /ڏسو صفحو 7 ڪالم 3

جونيئر ذوالفقار

آمريڪي قونصل خاني وٽ مظاهرين کي قتل ڪندڙن خلاف ڪيس داخل ڪيو

آيت الله خامنه اي شهيد ٿيو، ڪراچي ۾ آمريڪي ميرين 11 ماڻهو ماريا

اسان جا نمائندا به خوف ۾ ورتل آهن ڪو جواب ڏيڻ لاءِ تيار ناهي

اسان آمريڪا جي ڪالوني آهيون، حڪمران ڪو رد عمل نه ٿا ڏين: پريس ڪانفرنس

ڪراچي (رپورٽر) شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جي نياڻي ۽ آرٽسٽ ذوالفقار علي ڀٽو جونيئر ڪالهه شام پنهنجي گهر 70 ڪلفٽن تي پريس ڪانفرنس ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته ايران تي حملي جي جواب ۾ /ڏسو صفحو 7 ڪالم 8

ڪراچي: جونيئر ذوالفقار پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

آمريڪي قونصل خاني ٻاهران 11 ڄڻن جي موت تي جاچ شروع

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ آمريڪي قونصل خاني ٻاهران ٿيل پيچ ڊاهڻ ۽ فائرنگ واقعي ۾ 11 ڄڻن جي مارجڻ ۽ 30 کان وڌيڪ ماڻهن جي زخمي ٿيڻ واري معاملي تي جاچ شروع ڪئي وئي، واقعي جي جاچ لاءِ ايڊيشنل آءِ جي سي ٽي ڊي ذوالفقار لاڙڪ جي سربراهي ۾ ڪميٽي /ڏسو صفحو 7 ڪالم 5

آمريڪا جي روس کان تيل وٺڻ لاءِ ڀارت کي 30 ڏينهن ڇوٽ

واشنگٽن/نئين دهلي (م ڊ) آمريڪا، ڀارت کي روسي خام تيل خريد ڪرڻ لاءِ 30 ڏينهن جي عارضي رعايت ڏئي ڇڏي آهي. هي قدم وچ اوڀر ۾ ٽڪراءُ جي ڪري تيل جي عالمي سپلاءِ متاثر ٿيڻ کانپوءِ کنيو ويو آهي، ته جيئن مارڪيٽ ۾ تيل جي /ڏسو صفحو 7 ڪالم 7

جمهوريت جون دعويدار سياسي پارٽيون اسٽيبلشمينٽ جي هٿ ۾ ويٺيون آهن: حافظ نعيم

جماعت اسلامي طرفان ايران سان ٻڌي، آمريڪا ۽ اسرائيل جي دهشت گردي خلاف مظاهرا

ايران تي حملو، آيت الله خامنه اي ۽ ٻين جي شهادت عالمي قانون جي ڀڃڪڙي آهي: ڪاشف سعيد

موجوده صورتحال ۾ مسلمان ملڪن کي اتحاد ڪرڻ گهرجي: امداد الله بجاراڻي ۽ ٻين جو خطاب

ڪراچي/حيدرآباد/سکر (پ ر / نمائندا) امير جماعت اسلامي پاڪستان حافظ نعيم الرحمان جي اپيل تي ايران سان ٻڌي ۽ آمريڪا ۽ اسرائيل جي دهشتگردي خلاف ڪراچي کان ڪشمور تائين سڄي سنڌ /ڏسو صفحو 7 ڪالم 7

سکر: جماعت اسلامي جو امير حافظ نعيم تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڀاڄاخان يونيورسٽي ۽ آءِ سي سي ٻي ايس ۽ مئاهمتي ياددائشت تي صحيحون

ڊاڪٽر رضا شاه ۽ ڀاڄاخان يونيورسٽي جي وي سي خان عالم صحيحون ڪيون

مقاهمت جو مقصد ٻنهي اداري وچ ۾ علمي تعاون ۽ تحقيق کي هٿي ڏيڻ آهي

ڪراچي (پ ر) خيبر پختونخوا جي ڀاڄاخان يونيورسٽي، چارسده ۽ ڪراچي يونيورسٽي انٽرنيشنل سينٽر فار ڪيميڪل اينڊ بائيولوجيڪل سائنسز (آءِ سي سي ٻي ايس) ۾ علمي سهڪار وڌائڻ لاءِ مفاهمتي ياددائشت تي صحيحون ڪيون ويون. آءِ سي سي ٻي ايس جي ترجمان موجب هڪ هنگامي ڊيٽا سنڊيڪيٽ تي ڪوئٽر ڊرڪي ۾ صحيحون ڪيون ويون آءِ سي سي ٻي ايس جي ڊائريڪٽر پروفيسر ڊاڪٽر محمد رضا شاه ۽ ڀاڄاخان يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر خان عالم پنهنجن پنهنجن ادارن جي نمائندگي ڪندي صحيحون ڪيون. مفاهمتي ياددائشت جو مقصد ٻنهي ادارن وچ ۾ علمي تعاون ڪرڻ ۽ ڪڊلي تحقيقي ڪم هٿي ڏيڻ آهي. پروفيسر محمد رضا شاه ٻڌايو ته آءِ سي سي ٻي ايس خطي جي تحقيقي ادارن مان هڪ آهي. جنهن ڪنهن سال ۾ ڪيترن ئي ڪامياب تحقيقي پروگرامن سميت ڪيترن ئي ڪتابن ۽ ورڪشاپس ۾ شرڪت جا موقعا فراهم ڪرائيندا آهي.

هنگوريا پريس ڪلب ۽ صحافي فهيم پاڻڪ کي آڀاڙو ٿو ويو

هنگورجان (ع) هنگوريا پريس ڪلب جي صدر اعجاز علي مرياه پارٽي صحافي فهيم علي پاڻڪ کي آڀاڙو ٿو ويو ان موقعي تي سينئر صحافي فرمان علي سهتو، هنگوريا پريس ڪلب جي جنرل سيڪرٽري جميل علي پٺڻ، سماجي آڳواڻ ڪمال خان ڪوڙي ۽ سينئر صحافي گلزار سهتو پارٽي فهيم علي پاڻڪ کي آڀرڪ لنچيون ۽ مالهاڻون پارٽي مارڪون ڏنيون ويون. ان موقعي تي هنگوريا پريس ڪلب جي صدر اعجاز علي مرياه چيو ته اسان کي غريب ۽ بي پهچ ماڻهن جو آواز بڻجڻو آهي.

رمضان ۽ عوامي صحت جي تحفظ لاءِ ٻي ايس ڪيو سي اي طرفان ڪارروائين

چيس پلس، امتياز سپر مارڪيٽ ۽ ٻين دڪانن کي قومي معيار جي عمل لاءِ نوٽيس

عوام جي تحفظ جي لاءِ، غير معياري شين خلاف سخت ڪارروائي جاري رهندي : ڊاڪٽرن

ڪراچي (پ ر) ڪراچي ۽ رمضان جي مهينن ڪري نظر ۾ رکندي پاڪستان اسٽينڊرڊز اينڊ ڪوالٽي ڪنٽرول اٿارٽي شهر جي مارڪيٽن ۽ نڪرايل سخت ڪري چڪي آهي. جنهن جو مقصد عوام کي معياري شين فراهم ڪرڻ ۽ غير قانوني پراڊڪٽ روڪڻ آهي. صحت جي تحفظ لاءِ، خاص حڪمت عملي تحت ڪراچي جي ڪلفٽن ايسيسمينٽ ٽيم يونيورسٽي روڊ تي واقع وڏن ريٽيل اسٽورن مثلاً چيس پلس، امتياز سپر مارڪيٽ ۽ ٻين محفوظ جو نشان ضرور چڪ ڪن ۽ صرف منظور ٿيل شين خريد ڪن.

مليون جيڪي پي ايس ڪيو سي اي جي لارمي سرتيفڪيشن مارڪ کان سواءِ وڪرو ڪيون پئي. وڏن ٽيم پي ايس ڪيو سي اي ايڪٽ 1996 تحت غير لائسنس يافته سوورا اسٽاڪ دڪانن هٿان هنگامي ڪارروائي ڪئي وئي. پي ايس ڪيو سي اي جي ڊائريڪٽر جنرل ڊاڪٽر سيده منيا بتول چيو. عوام جي تحفظ لاءِ غير معياري شين خلاف سخت ڪارروائي جاري رهندي عوام کي اپيل ڪئي ته خريداري دوران هميشه ڊيڪاڊنگ ۽ مصنوعي ذهانت تي ٻڌل نگراني واري

ڊاڪٽر ڪيو پي ٻي پارن مقابلي جي ڪيس بابت سي سي پي جي ڪوشش جو اعتراف

ذهانت تي ٻڌل نظام استعمال ڪري مقابلن جي قانون کي وڌيڪ جديد بڻايون پيا

سي سي پي جي قدمن تي ٻڌل هڪ پروڪيورمينٽ مانيٽرنگ نظار ٻڌ آهي ڊي آءِ ايس پي

اسلام آباد (پ ر) ڪميٽيشن ڪميشن آف پاڪستان (سي سي پي) جي مارڪيٽ انٽيليجنس يونٽ گذريل ڏينهن سال دوران مقابلي ذهانت ۽ خودڪار ڄڻيندل اوزارن جي مدد سان مقابلي جي قانون جي سخت پڇاڙيون ۽ مرحوم ڪيا آهن. آڳرتي رڪن سنڌ اسمبليءَ شهيد جنيد آڳرتي تنظيم (ڊاڪٽر سي پي) جي ايشيا پئسفڪ ٻاهرين مقابلي واري رپورٽ ۾ شايع ٿيل مقالي "مصنوعي ذهانت ذريعي غير مقابلي واري سرگرميون سڃاڻڻ: پاڪستان جو جديد مقابلي جي نفاذ ڏانهن سفر" ۾ سي سي پي جي انهن ڪوشش تي تفصيل سان روشني وڌي وئي آهي. جن وسيلي جديد ٽيڪنالاڄي ۽ مصنوعي ذهانت تي ٻڌل نگراني واري نظام استعمال ڪري مقابلي جي ڪيسن کي ترجيحي بڻايو ويو آهي. ڊاڪٽر سي پي جي ڊائريڪٽر جنرل ڊاڪٽر سيده منيا بتول چيو. عوام جي تحفظ لاءِ غير معياري شين خلاف سخت ڪارروائي جاري رهندي عوام کي اپيل ڪئي ته خريداري دوران هميشه ڊيڪاڊنگ

Daily AWAMI AWAZ
روزانی
عوامی آواز
چنڑ 07 مارچ 2026ع، 17 رمضان المبارک 1447ھ

حیدرآباد ء ایس ٹی پی جو اجلاس: "کراچي سنڌ آهي" جلسي بابت غور ويچار

اسرائيل ۽ آمريڪا جي جارحيت ڏنبا ۽ جنگ مڙهي جڏهي آهي، ٽيل گئس ۽ خوراڪ جي طرفان بحران پيدا ٿيندو

حيدرآباد (پ ر) سنڌ ترقي پسند پارٽي ضلع حيدرآباد جي ضلعي باڊي مهينڌار ۽ ضلع جي سيڪرٽريٽ جو ڪڏيل اجلاس پارٽي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي جي صدارت هيٺ مگسي هاؤس حيدرآباد ۽ متعدد ٽيم اجلاس ۾ غور شاهي، هوٽ ڪاڪي، ڊاڪٽر عبدالحميد ميمن، امتياز سومرو، سومار مگسي، عاشق سولنگي، عرفان ٻروهي، جان محمد جتوئيچ، رستم لاشاري، حسن حوتيچ، گوندرام واڪهيلا، محمد مراد ابڙو، ڏلدار شاهه، حسن سيوڻ، سرواڻ مگسي، بابو شيدي، نورالله مگسي، لقمان ابڙي، رياض لاکو ۽ اشرف گوڻاڻي شرڪت ڪئي اجلاس ۾ ضلع حيدرآباد جي سياسي ۽ تنظيمي صورتحال تي ڳالهه ٻولهه ٿي. اپريل جي ڪراچي جي جناح گارڊنز ۾ رئيلي جلسي ڪراچي سنڌ آهي" بابت تفصيلي غور ويچار پيش ڪيو ويو. ان حوالي سان اهم فيصلا ڪيا ويا. اجلاس کي صدارتي خطاب ڪندي سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته سنڌ جي سڀني سمجهيل مضمون تحت مسئلن طرف ڪيچيپ ڏيندي چيو ته سنڌ جي وحدت سان ڪيئن لاڙ، حڪومتي سطح تي منظم مهم هلائي ٿي وڃي هن چيو ته وفاق جي علاقيت سمجهيو ويندو گورنر هاؤس ۽ سنڌ مٿان مڙهيل سنڌ پرست سوچ سان لاڳاپيل گورنر اهڙي مهم جي سرواڻي ڪري رهيو آهي هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي پاڻي ۽ وسيلن جي مالڪي لاءِ سنڌ جي عوام کي هر وقت تيار رهڻو پوندو سنڌ جي پاڻي ۽ وسيلن جي مالڪي لاءِ سنڌ جي محڪوم ۽ مظلوم عوام کي پنهنجي ڪلهن تي پاڻيندي جدوجهد ڪرڻي پوندي. چاڪاڻ ته سنڌ جا وڏيڪر ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته 12 اپريل تي سنڌ جي ڪاڻي ۽ واري شهر ڪراچي ۾ لکيون سنڌي ڪڍ ڪي عالمي ضمير ۽ حڪمرانن کي آهر واضح پيغام ڏيندا ته سنڌ جي وسيلن ۾ ڀاڱيدار ٿيڻ جي مالڪ لاءِ طقتن ۽ قوم جي مراحمت ۽ قربانيءَ ڏيڻ لاءِ تيار آهي هندني اجلاس کي خطاب ڪندي هن چيو ته عالمي طاقتون ملڪ دنيا جي پنهنجي حاڪميت ۽ قوت واري نظام ڪي برقرار رکڻ لاءِ دنيا کي جنگ طرف ڌڪي رهيا آهن آمريڪا ۽ اسرائيل برطرف بغير ڪنهن حوالي جي ايران تي جارحيت ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي هن چيو ته اڄوڪي دور ۾ سنڌ ۾ ڪيئن ڪي ڪنڊ ڪڍ ڪي ڪيئن ڪي ڪنڊ ڪڍ ڪي ڪيئن ڪي ڪنڊ ڪڍ ڪي

روزاني
Daily AWAMI AWAZ
عوامي آواز
ويب سائيٽ : www.awamiawaz.pk
نيوز روم : awamiawazkhi@gmail.com
اشتهارن جو شعبو : marketingawamiawaz@gmail.com
هيڊ آفيس ڪراچي: سيڪنڊ فلور، نيو بلاڪ 2، عبدالستار ايڌي هاڪي اسٽيڊيم، لياقت بئرڪس، آف شاهراهه فيصل ڪراچي. فون : 44-021-35672941
چيف ايڊيٽر ڊاڪٽر جبار خٽڪ | ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر حسن ناصر | ايڊيٽر زرار پيرزادو | ڊپٽي ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر حميده گهانگهرو | ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر انور بلوچ
حيدرآباد آفيس: بنگلو نمبر A-68، فراز ولاز، فيز 3، قاسم آباد، حيدرآباد. فون: 022-2655884
سکر آفيس: پلاٽ نمبر A-34، لڳ سکر ماربل فيڪٽري، گوليمار روڊ، نئون سکر. فون: 20-071-5633718
ڇنڇر 07 مارچ 2026ع 17 رمضان المبارڪ 1447ھ

هاٿي جنگ جي خراب اثرن کي پوڳڻ جو وقت اچي ويو آهي

وچ اوڀر ۾ هلندڙ جنگ سبب جنهن خطري جو ڊپ هو يا توقع هئي ته اهڙن خوفناڪ صورتحال پنهنجو ڊيڪارڊ شروع ڪيو آهي يعني جنگ جي خراب معاشي اثرن کي ڀوڳڻ جو وقت اچي ويو آهي. پاڪستان پيٽروليم ڊيلرز ايسوسيئيشن جي چيئرمين عبدالسميع خان ٻڌايو آهي ته ملڪ ۾ پمپن تي تيل جي کوٽ شروع ٿي...

چاپ پ شفيق مينگل جي تڪراري ماضي ۽ مستقبل جو بار ڪٿي سگهندي؟

عبدالخالق علي

بلوچستان جي سياست هڪ ڀيرو ٻيهر اهڙي موڙ تي بيٺي آهي جتي سوال رڳو سياست جو نه، پر اخلاقي جواز ۽ عوامي اعتماد جو به آهي. عوامي نبض کي سمجهڻ جي دعويٰ ڪندڙ پاڪستان پيپلز پارٽي تازو هڪ اهڙو فيصلو ڪيو آهي جنهن سنجيده حلقن ۾ وڏيڪ گهٽتي پيدا ڪري ڇڏي آهي. سوال اهو آهي ته ڇا پيپلز پارٽي واقعي اهو بار کڻي سگهندي جيڪو شفيق مينگل جهڙي تڪراري شخصيت جي صورت ۾ ان جي ڪلهن تي رکيو پيو وڃي؟ خضدار جي تڪ NA_256 مان پيپلز پارٽي جي اميدوار طور اوچتو سامهون ايندڙ هي نالو بلوچستان جي سياسي، سماجي ۽ صحافتي حلقن لاءِ ڪو اوپرو ناهي. هن ڪردار جو ماضي ايترو ته تڪراري ۽ سنگين الزامن ۽ ثابت ٿيل ڏوهن سان ڀريل آهي جو ان تي خاموشي اختيار ڪرڻ هڪ سوال بڻجي رهي ٿو. پيپلز پارٽي، جيڪا پاڻ کي جمهوريت ۽ عوامي حقن جي جماعت چوي ٿي، هاڻي ساڳي شخصيت کي پنهنجي سياسي سفر جو ساٿي بڻائي رهي آهي. اهو فيصلو نه رڳو حيران ڪندڙ آهي پر ان جا سياسي ۽ اخلاقي اثر نه گهٽجا دوررس ٿي سگهن ٿا.

بلوچستان تاريخي طور رواداري، قبائلي وقار، مذهبي هم آهنگي ۽ سياسي شعور جي سرزمين رهي آهي. هن خطي ۾ اختلاف ضرور رهيا آهن پر حق ۽ باطل جي سڃاڻپ هميشه واضح رهي آهي.

...

آخر اهڙي شخصيت کي پيپلز پارٽي پنهنجي پليٽفارم تي جاءِ ڇو ڏني؟ پيپلز پارٽي جي سياست هميشه عوامي حمايت ۽ مظلوم طبقن جي دفاع جي بيانيي تي بيٺل رهي آهي. اهڙي حالت ۾ جيڪڏهن ساڳي جماعت جي پليٽفارم تي اهڙو نالو سامهون اچي جنهن جي چوڌاري سنگين الزامن جو طوفان موجود هجي ته اهو رڳو سياسي فيصلو نه رهندو پر هڪ اخلاقي امتحان بڻجي ويندو. ڇا پيپلز پارٽي واقعي بلوچستان ۾ پنهنجي ساک کي داءَ تي لڳائڻ لاءِ تيار آهي؟ ڇا هي فيصلو رڳو چونڊ حڪمت عملي آهي يا ڪنهن وڏي سياسي ڏاهه جو حصو؟ ۽ سڀ کان اهم سوال اهو آهي ته بلوچستان جا ماڻهو هن فيصلي کي ڪهڙي نظر سان ڏسندا؟ سياسي پارٽيون عارضي فائدي لاءِ فيصلا ڪري سگهن ٿيون، پر تاريخ اهڙن فيصلن کي تمام باريڪي سان پرکي ٿي. جيڪڏهن ڪنهن ڪردار جي چوڌاري ايترا سنگين سوال موجود هجن ته سياسي جماعتن جي ذميواري بڻجي ٿي ته هو وضاحت پيش ڪن، نه ته خاموشي اختيار ڪن

...

گريٽر اسرائيل منصوبي جو وچ اوڀر تي پوندڙ خوفناڪ اثر

ايوب ملڪ



...

ايران ڪمزور ٿيو ته ...

ذوالفقار قلهوڙو

...

وچ اوڀر جي دل ۾ بيٺل ملڪ ايران ڪمزور ٿي وڃي، يا عالمي سياست جي ڪنهن وڏي طاقت ڪيس ڪمزور ڪري وڃي، ته ان جا اثر صرف سندس سرحدن تائين محدود نه رهندا. تاريخ شاهد آهي ته جڏهن به ڪنهن اهم جاگرافيائي ۽ توانائيءَ سان مالا مال ملڪ ۾ سياسي عدم استحڪام پيدا ٿيو آهي، تڏهن ان جا اثر پاڙيسري علائقن ۽ عالمي قوتن تائين پهتا آهن. ايران، جيڪو صديون پراڻي تهذيب، توانائيءَ جي وسيلن، ۽ اهم ساموندي رستن تي اثر رسوخ رکي ٿو، جيڪڏهن سياسي يا معاشي طور ڪمزور ٿئي ٿو، ته ان جا اثر پاڪستان، روس، چين ۽ افغانستان تي گهڻا رکا ۽ گهرا پوندا

...

رڳو جنگ ڇو؟ دنيا کي امن به گهرجي

حميد منگي



...

حيرت ته انهيءَ وقت به ٿيندي آهي، جڏهن پريل ٽريل اڳ جي پيٽ ۾ وڏيڪ سڌريل دنيا ۾ مٽ جيترا ٿورڙا ماڻهو، ڌريون ۽ ملڪ جڏهن وڙهڻ لڳندا آهن ته، ڪين ڪو منع ڪرڻ وارو به نظر ناهي ايندو ۽ اڪثر وڏن واقعن ٿي وڃڻ ڪان پوءِ، رڳو مذمتن جا ڍوڙيا لڳا پيا هوندا آهن. اڪثر موقعن تي جهيڙا ڪرڻ جي ٻانهن پڪڙڻ وارو، هٿ جهلڻ يا هٿيار کسڻ وارو ڪو ظاهر ٿي ناهي ٿيندو جڏهن ته انهيءَ وقت حيرت اڃا وڌي ويندي آهي، جڏهن اختلافن جا نبيرا ڪرڻ وارا ادارا به موجود هجن پوءِ به روز روز جهيڙا ۽ جنگيون ٿينديون رهن ۽ سموري دنيا سميت لاڳاپيل ۽ امن قائم ڪرڻ وارا ادارا ۽ عملدار وات ڦاٽي ڏسندا رهن ته، اهڙي صورتحال کي الميو ئي چئي سگهجي ٿو

...

افغانستان کان ايران تائين: عالمي طاقتن جا وچايل چار ۽ چين جي بقا جو سوال

فرنود عالم

...

تنڊو الهيار ۾ آمريڪا ۽ اسرائيل خلاف ريليون، ٽرمپ ۽ ياهو جي پتلن کي باهه

شيعه علماءِ ڪائونسل جي سڏ تي بينر کڻي ايران جي حق ۾ احتجاج ڪري نعريبازي ڪئي وئي

آمريڪا ۽ اسرائيل هن دور جا يزيد آهن، مظلوم قومن تي ظلم ۽ بربريت ڪئي پئي وڃي: اڳواڻ

پاڪستان مان آمريڪا جا سفارتخانا ختم ڪري عوام مان بيچيني ختم ڪئي وڃي

ٽنڊوالهيار (د ر) شيعه علماءِ ڪائونسل ٽنڊوالهيار طرفان مختلف علائقن ۾ رهبر معظم آيت الله سيد علي خامنه اي جي شهادت ۽ ايران، يمن، لبنان ۾ جاري آمريڪي ۽ اسرائيلي جارحيت خلاف ريليون ڪڍي احتجاج ڪيو ويو. ٽنڊوالهيار شهر مان جامع مسجد علي ابن الحسين کان جمبڙ روڊ تائين ريلي ڪڍي وئي. گوٺ فضل ٽالپر ۾ ٽالپر برادري طرفان الحسيني امام بارگاه کان ٽالپر اسٽاپ تائين ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ مومنين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ريلي ۾ آمريڪا ۽ اسرائيل خلاف سخت نعريبازي ڪري ڊونلڊ ٽرمپ ۽ نيتن ياهو جي پتلن کي باهه ڏني سائيڪل ۾ ان موقعي تي ضلعي صدر فرحان پتافي، ايڊووڪيٽ شمير حيدر جعفري، مولانا مير تقي ٽالپر، مولانا منظور حسين مهندوي، مولانا غلام غلام مصطفيٰ محمدي، سائين غلام فريد، مير معشوق ٽالپر، مير وسيم، مير غوث بخش، مير مظهر ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته آمريڪا ۽ اسرائيل هن دور جا يزيد آهن جيڪي مظلوم قومن تي ظلم ۽ بربريت جون ٽيون ڪهاڻيون ناهي رهيا آهن. عالم اسلام متحد ٿي ظالم قوتن جي ظلمن خلاف آواز اٿاري ۽ ايران، لبنان، يمن ۽ فلسطين جي مظلوم عوام سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪن. هن چيو ته ظلم خلاف آواز اٿارڻ حسينيت جو پيغام آهي ۽ مومن هميشه مظلومن سان گڏ بيهندا آهن. پاڪستاني فوج کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا. جيڪي افغانستان ۽ خوارج جي خاتمي لاءِ موثر ڪارروايون ڪري رهيا آهن. آهي عنصر اسلام جي نالي تي قتل ۽ دهشتگردي ۽ بيگناهه ماڻهن جي قتل عام ۾ ملوث آهن پاڪستاني حڪومت کي گهرجي ته آمريڪا جا سفارتخانا ختم ڪري پاڪستاني عوام مان بيچيني ختم ڪئي وڃي.

سکر اندر ترقياتي ڪمن ۾ ناقص ميٽريل جي استعمال جا انڪشاف

ٺيڪيدار پاران گهربيون، علائقي واسين ۾ ڳڻتي جي لهر پکڙجي وئي

روڊ مضبوط ناهي ٺاهيو ويو، ڪچهه مهينن ۾ ئي ٽٽي ويندو: عوام

سکر (ن ع ا) سکر جي سائيٽ ايريا گوليمار ۾ جاري ترقياتي ڪمن ۾ مبينا طور ناقص ميٽريل جي استعمال ۽ سرڪاري معيار جي ڀڃڪڙي جا انڪشاف سامهون آيا آهن. جنهن تي علائقي جي رهواسين ۾ سخت ڳڻتي پکڙجي وئي آهي ذريعن موجب روڊ ۽ ناليءَ جي تعمير دوران مقرر معيار کي نظرانداز ڪندي گهٽ درجي جو ميٽريل استعمال ڪيو پيو وڃي. جڏهن ته لوهه جون سريئون به مقرر سائيز کان گهٽ لڳايون پيون وڃن ۽ انهن جو مقدار به تمام گهٽ رکيو ويو آهي.

مورو ۾ بدامني جي وڌندڙ واقعن خلاف ڪارروايون، چيڪنگ سخت

شهر ۾ امن امان برقرار رکڻ لاءِ اهڙيون ڪارروايون جاري رهنديون: پوليس

شهري پنهنجين موٽر سائيڪلن تي مناسب تالا ۽ لاڪ ضرور لڳائين: هدايتون

مورو (ن ع ا) مورو شهر ۾ چوري ۽ ڦورن جي وڌندڙ واقعن کي روڪڻ لاءِ مددگار پوليس 15 مورو جي انچارج اسدالله چانڊيو پوليس نفري سان گڏ شهر جي مختلف علائقن ۾ بئنڪن، سرڪاري اسپتال ۽ ٻين اهم هنڌن جي ڀرپاسي چيڪنگ مهم هلائي وئي ڪارروائي دوران اهڙيون موٽر سائيڪلون جيڪي بنا تالي جي سڌي طرح جالولي رهيون هيون.

ڪشمور ۾ عوامي ورڪرز پارٽي طرفان آمريڪي جارحيت خلاف مظاهرو

سعيد ڪوسو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب آڏو احتجاج، ريلي

آمريڪا اسرائيل گڏجي مظلوم ايرانين تي بربريت ڪري رجيم تبديل ڪرڻ چاهي ٿو

سکر پوليس جون منشيات فروشن خلاف ڪارروايون جاري

رڪشي مان منشيات جا بورا هٿ، جوابدار گرفتار ڪيو ويو

ايس ايس پي پاران ڏوهارين خلاف ڪارروايون تيز ڪرڻ جا حڪم

سکر (رپورٽر) پوليس سماجي برائين ۾ ملوث ماڻهن خلاف زبردست ڪارروايون جاري رکي ٿي. سکر پوليس جي ترجمان جي جاري بيان مطابق ايس ايڇ او ٿاڻي ايڪشن دوران اسنيپ چيڪنگ ۾ ... 33 ڪلو وزن جون 03 ٿيليون سوپارين جون، 20 عدد گٽڪو/ماوا جا پيڪيٽ ۽ 24 ڪان وڏيڪ مختلف قسمن جون ...

